This Article is written by
Kala Prakash
from book "Sindhyat Jo Upasak"
compiled by Rukmani Chainani
published in year 2002

# اُتم، سنڌي ساهت جي هڪ يگاني شخصيت

- ڪلا پرڪاش

پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي سرپرستيءَ هيٺ هلندڙ سنڌي ساهت منڊل جي ادبي ڪلاس ۾ مون ١٩٥٢ کان وڃڻ شروع ڪيو. ادبي ڪلاس ۾ وڃڻ ڪري گهڻن ئي ادب جي دلچسپ شخصيتن سان لهه وچڙ ۾ آيس. اُتي ٽن اهڙن اديبن سان واقفيت ٿي جن کي سنڌي جاتيءَ جي سلامتيءَ جي جهوڙي لڳل هئي. هنن جي زندگيءَ جو واحد مقصد هو سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت کي بچائڻ، سنڌي لپيءَ کي بچائڻ، سنڌي تهذيب ۽ تمدن جي رکوالي ڪرڻ. اُهي ٽي جنوني شخص آهن، مرحوم گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ اي. جي. اُتم.

اٽي لٽي ۽ اجهي جو فڪر ڪهڙي انسان کي نه هوندو؟ اسانجون ايندڙ پيڙهيون شايد ان ڳالهه تي وشواس نه ڪري سگهن ته هنن ٽن شخصن کي اهو به فڪر نه هو. قدرت انهن ٽنهي جي جاتيءَ لاءِ بي غرض محبت جي موٽ ائين ڏني جو ڪين جيون سنگٽيون اهڙيون مليون جن سڀ ذميواريون پاڻ تي کڻي ورتيون. ان ڪري هي لاهوتي فقير پنهنجي مقصد لاءِ پنهنجو پاڻ مڪمل طور واري سگهيا.

مان هتي شري اي. جي. اُتم جو ذڪر ڪنديس.

هن جي سنڌي ساهت منڊل، سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ واري تحرڪ، اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سان وابستگي ۽ سندس سرگرم رهڻ بابت گهڻن ئي ساٿين لکيو هوندو، ان ڪانسواءِ هن جا پنهنجا لکيل مضمونن ۽ تنقيد جا

وٽ ڪم لاءِ ديوانگي آهي پر پئسو نہ ناهي. هن پئسو ڪٺو نہ ڪيو آهي، هن سنڌي ڪتاب ڪٺا آهيا آهن. اُتم جو بيڊروم، بيڊروم نہ پر لئبرري آهي. هو سنڌ جي اجرڪن مان چادر ۽ وهاڻي جون چئون ٺهرائي ڪم آڻيندو آهي. هن جون ٻئي ڌيئر نہ صحيح معنيٰ ۾ سنڌي جاتيءَ جون عيوضي نياڻيون آهن. پر هنن جا ٻار بہ سُٺي سنڌي ڄاڻندا آهن. اُتم هنن ڪي نئين، نرالي ڳالهہ سيکاري آهي.هن جا ڏوهٽا، ڏوهٽيون هر ڪنهن سنڌيءَ کي فون تي توڙي روبرو ’جئہ سنڌي‘ چئي ڪيڪاريندا آهن. اهو آهي شري اي. جي. اُتم. پنهنجي اصولن ۾ بلڪل ڪٽر.

صرف هڪ ڳالهہ جو افسوس ٿيندو آهي... جيڪر انساني رشتن ناتن جي نزاڪتن کي پروڙي سگهي ها... اُصولن جي زندگيءَ ۾ وڏي معنيٰ آهي پر ’تون بہ رہ مان بہ رهان‘ بہ تہ هڪ اعليٰ اصول آهي. اڄ اُتم گهٽن ساهتڪار ساٿين کان وچڙيل آهي پر اڪيلو پنهنجي ڪم ۾ جنبيل آهي. پڙهڻ، لکڻ ۽ ڪتاب ڇپائڻ مان هن کي فرصت ڪانهي.

ٻڌو اٿئون تہ ’ورهاڱي کان پوءِ جي سنڌي ساهت جي تاريخ‘ لکڻ جو ارادو اٿس. اسانکي هن ڪتاب جو شديد انتظار رهندو.

ڪتاب گهڻي اهميت رکن ٿا. انهن ڪتابن جو ذڪر ضرور ٻين ڪيو هوندو. مان صرف ’نئين دنيا‘ ۽ ’سنڌو سماچار‘ جو ذڪر ڪرڻ ٿي چاهيان.

اُتم سالن جا سال نئين دنيا مخزن ڪڍي. ادبي ڪلاس ۾ شل نہ ڪنهنجي تخليق هن ڪي وڌي! اها فيئر ڪري نئين دنيا لاءِ ڪيس ڏيون، ان لاءِ ادبي ڪلاس ۾ ڪندو. وري نياپن پنيان نياپا موڪليندو هو جيسين اُها ملي. نئين دنيا گهڻن ئي اُسرندڙ ليکڪن کي راس ٿيڻ ۾ هٿي ڏني. بزرگ ليکڪن ۽ ٻوليءَ جي جا بہ ڪيترا معياري ليک مخزن ۾ ڇپبا هئا. اُتم هن مخزن کي پنهنجو رت ست ڏنو. هڪ ناول شروع ڪئي هئائين جنهنجي سايعي هيٺ سندري اُتمچنداڻي ۽ ٻين ڪيترن ساهتڪارن جا ناول ڇپيا. ’نئين دنيا‘ سنڌي ساهت جي تاريخ جو اهم حصو ٿي رهندي.

اٽڪل ٽيهہ سال ڪن اڳہ هڪ سنڌي روزاني اخبار ٿي ’سنڌو سماچار‘. گهڻن ئي ساهتڪار دوستن جي ڪوشش سان هيءَ اخبار وجود ۾ آئي. وچ وانگر بند ٿي ويئي پر جيترو بہ وقت هلي، اُن لاءِ گهڻي محنت اُتم ڪئي. نہ ڏينهن ڏٺائين نہ رات. مريض هئڻ سبب هرروز پاڪٽي سئي لڳائڻي پوندي اُها بہ پريس ۾ ئي لڳائيندو هو. اکين جي نظر پوءِ بہ تتيءَ ٿڌيءَ ڪاه ڪانهي ويل وهڻ جي‘ شاه بيت مطابق پورهيو ڪيائين. ڪمنصيبان، اسان جي قوم ساهتڪ ۽ ذهنيءَ روشنيءَ جي قدردان نہ آهي.